

هفتيوار رسالو

# مديني جون زيارتون

(سنڌي)





مديني شريف جا 12 نالا

مدينہ طيبہ جي تڪليفن تي صبر جي فضيلت

مديني شريف جون 17 خصوصيتون

مسجد نبوي شريف ۾ نماز جا فضائل

شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ و مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليہ

ترجمو

TRANSLATION DEPARTMENT

(DAWAT-E-ISLAMI)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج1 ص40 دار الفكربيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ پيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: مديني جون زيارتون

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جو رسالو

# مديني جون زيارتون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:**☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:**translation@dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط

# مديني پاڪ جون زيارتون[1]

دعاءِ عطار: ياالله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو **"مديني جون زيارتون"** پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي حج ۽ عمري جي سعادت عطا فرماءِ ۽ اُن کي والدين ۽ خاندان سميت بي حساب جنّتُ الفردوس ۾ داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عافيّت نشان آهي: جيڪو مون تي هڪ ڏينهن ۾ هڪ هزار دفعا درود پاڪ پڙهندو تہ اهو ان وقت تائين نہ مرندو جيستائين جنّت ۾ پنهنجي جاءِ نہ ڏسي وٺي-

(التّرغيب و الترهيب ج 2 ص 328 حديث 22)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مديني شريف جون فضيلتون

اَلْحَمْدُلِلّٰه! مديني شريف جو تذڪرو عاشقانِ رسول جي دلين لاءِ راحت جو سبب آهي. مديني جا عاشق ان جي جدائي ۾ تڙپندا ۽ زيارت جا بيحد مشتاق رهندا آهن- دنيا جي مختلف زبانن ۾ جيترا قصيدا مدينہ منوره جي هِجر و فراق ۽ ان جي ديدار جي تمنا ۾ پڙهيا ويا يا پڙهيا ويندا آهن، اوترا دنيا جي ڪنهن بہ ٻئي شهر يا علائقي جي لاءِ نہ پڙهيا ويا نہ پڙهيا ويندا آهن ۽ جنهن کي هڪ دفعو بہ مديني جو ديدار ٿي

[1] هي مضمون اميراهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب "عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون" جي صفحي 247 کان 266 تان ورتو ويو آهي.

ويندو آهي اهو پنهنجو پاڻ کي خوش نصيب سمجهندو آهي ۽ مديني ۾ گذاريل حَسين گهڙين کي هميشہ جي لاءِ يادگار سمجهندو آهي. کنهن عاشق رسول ڇا خوب چيو آهي!

وہی ساعتیں تھیں سرور کی، وہی دن تھے حاصل زندگی
بحضور شافعِ امتّاں مری جن دنوں طلبی رہی

مديني شريف جي زيارتن جي تفصيل کان پهريان ديار حبيب جون کجھ فضيلتون ملاحظہ فرمايو تہ جيئن دل ۾ مديني جي محبت ۽ شوق اجا وڌيڪ پيدا ٿئي-

## قرآن پاڪ ۾ ذڪرِ مدينہ

قرآن شريف جي ڪيترين ئي جڳهن تي ذڪرِ مدينہ ڪيو ويو آهي- مثلاً سيپاري 28 سورة المنٰفقون آيت نمبر 8 ۾ آهي:

يَقُوْلُوْنَ لَىِٕنْ رَّجَعْنَاۤ اِلَى الْمَدِیْنَةِ لَیُخْرِجَنَّ الْاَعَزُّ مِنْهَا الْاَذَلَّ ؕ وَ لِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَ لِرَسُوْلِهٖ وَ لِلْمُؤْمِنِیْنَ وَ لٰكِنَّ الْمُنٰفِقِیْنَ لَا یَعْلَمُوْنَ۠ (۸)

**ترجموڪنزالايمان:** چون ٿا جيڪڏهن اسان مديني وري موٽي وياسين تہ ضرور جيڪو وڏي عزت وارو آهي اهو اتان ڪڍي ڇڏيندو نهايت ذلت واري کي ۽ عزت تہ الله ۽ ان جي رسول ۽ مسلمانن جي واسطي ئي آهي مگر منافقن کي خبر نہ آهي.

## ”مدينة المنوره“ جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان مديني جا 12 نالا

مدينہ منوره جا عالمن سڳورن لڳ ڀڳ 100 نالا لکيا آهن ۽ دنيا ۾ ڪنهن بہ شهر جا ايترا نالا ناهن، برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هتي

صرف 12 مبارڪ نالا پيش ڪيا پيا وڃن:

﴿1﴾ مدينہ ﴿2﴾ مدينةُ الرَّسول ﴿3﴾ طَيِّبہ ﴿4﴾ دارُالاَبرَار ﴿5﴾ طابہ ﴿6﴾ مبارَڪہ ﴿7﴾ ناجِيہ ﴿8﴾ عاصِمہ ﴿9﴾ شافِيَہ ﴿10﴾ حسنہ ﴿11﴾ جذيرةُ العرب ﴿12﴾ سيِّدَةُ البُلدان-

نام مدینہ لے دیا چلنے لگی نسیمِ خلد
سوزشِ غم کو ہم نے بھی کیسی ہوا بتائی کیوں (حدائق بخشش)

## مديني شريف ۾ مرڻ جي فضيلت

ٻنهي جهانن جي تاجور، سلطان بحروبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: توهان مان جيڪو مديني ۾ مرڻ جي استطاعت رکندو هجي تہ اهو مديني ۾ ئي مري، ڇو تہ جيڪو مديني ۾ مرندو مان ان جي شفاعت ڪندس ۽ ان جي حق ۾ گواهي ڏيندس- (شعب الايمان ج 3 ص 497 حديث 1482)

زمین تھوڑی سی دیدے بہرِ مدفن اپنے کوچے میں
لگادے میرے پیارے میری مٹی بھی ٹھکانے سے (ذوق نعت)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دجال مديني پاڪ ۾ داخل نہ ٿي سگهندو

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد آهي: عَلٰى اَنْقَابِ الْمَدِيْنَةِ مَلَائِكَةٌ لَّا يَدْخُلُهَا الطَّاعُوْنُ وَ لَا الدَّجَّالُ- ترجمو: مديني ۾ داخل ٿيڻ جي سيني رستن تي فرشتا مقرر آهن، ان ڪري ان ۾ طاعون ۽ دَجَّال داخل نہ ٿيندا- (صحيح بخاري ج 1 ص 619 حديث 1880)

## مدينة المنوره هر آفت کان محفوظ

نبي مُڪَرَّم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان مُعَظَّم آهي: ”ان

پاڪ ذات جو قسم! جنهن جي قبضهءِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي، مديني جي هر وادي ۽ هر رستي تي ٻہ ملائڪ مقرر آهن، جيڪي ان جي حفاظت ڪري رهيا آهن-“ (مسلم ص 714 حديث 1374)

امام نَوَوي فرمائن ٿا: هن روايت ۾ مديني پاڪ جي فضيلت جو بيان آهي ۽ تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زماني ۾ ان جي حفاظت ڪئي ويندي هئي ۽ ڪيترائي فرشتا حفاظت ڪندا هئا ۽ انهن سيني وادين کي سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عزت افزائي جي لاءِ گهيري ۾ وٺي رکيو آهي- (شرح صحيح مسلم للنوي ج 5 جزء 9 ص 148)

ملائک لگاتے ہیں آنکھوں میں اپنی

شب و روز خاکِ مزارِ مدینہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ على مُحَمَّد

## مديني جا تازا ميوا

حضرت ابوهُريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان مروي آهي تہ ماڻهو جنهن موسم جو پهريون ميوو ڏسندا هئا تہ ان کي حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت سراپا رحمت ۾ کڻي ايندا هئا، سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي وٺي ائين دعا ڪندا هئا: الٰهي! تون اسان جي لاءِ اسان جي ميون ۾ برڪت عطا فرماءِ ۽ اسان جي لاءِ اسان جي مديني ۾ برڪت عطا فرماءِ ۽ اسان جي صاع ۽ مُد (اهي تور ڪرڻ جا پيمانا آهن) ۾ برڪت عطا فرماءِ- يا الله! (پاڪ) بيشڪ ابراهيم تنهنجا ٻانها، تنهنجا خليل ۽ تنهنجا نبي آهن ۽ بيشڪ مان تنهنجو ٻانهو ۽ تنهنجو نبي آهيان- انهن مڪي جي لاءِ توکان دعا گهري ۽ آئون مديني جي لاءِ تو کان دعا گهران ٿو، اهڙي دعا جيڪا انهن مڪي جي لاءِ ڪئي ۽ ان جيتري ٻي (يعني مديني جون برڪتون مڪي کان ٻيڻيون ٽين) پوءِ جيڪو ننڍو ٻار سامهون هوندو هو ان کي سڏ ڪري اهو ميوو ان کي عطا فرمائيندا هئا- (مسلم ص 713 حديث 1373)

هاتھ اُٹھا کر ایک ٹکڑا اے کریم!

ہیں سخی کے مال میں حقدار ہم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ علٰى مُحَمَّد

## مدينو ماڻھن کي پاڪ صاف ڪندو

مديني جي سُلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان دلپسند آهي: مون کي هڪ اهڙي وسندي ڏانهن هجرت جو حڪم ڏنو ويو جيڪا سيني وسندين کي کائي ويندي- (يعني سيني تي غالب ايندي) ماڻھو ان کي ”يثرب“ چوندا آهن ۽ اها مدينو آهي- اها وسندي، ماڻھن کي ائين پاڪ ۽ صاف ڪندي جيئن ڪورو (ڀٺي) لوھ جي ڪٽ کي.

(صحيح البخاري حديث 1871، ج 1 ص 617)

## مديني کي يثرب چوڻ گناھ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ان روايت ۾ مدينہ منوره کي ”يثرب“ چوڻ کان منع ڪيو ويو آهي- فتاويٰ رضويہ جلد 21 صفحي 116 تي آهي: مدينہ طيبہ کي يثرب چوڻ ناجائز، منع ۽ گناھ آهي ۽ چوڻ وارو گنھگار- رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جيڪو مديني کي يثرب چوي تہ ان تي توبھ واجب آهي، مدينو طابہ آهي، مدينو طابہ آهي- علامہ مَناوي ”تَيسِير شرح جامع صغير“ ۾ فرمائن ٿا: ان حديث مان خبر پئي تہ مديني طيبہ جو يثرب نالو پڪارڻ حرام آهي جو يثرب چوڻ تي توبھ جو حڪم فرمايو ويو ۽ توبھ گناھ کان پوءِ ٿيندي آهي.

(فتاوٰي رضويه ج 21 ص 116)

## يثرب چوڻ ڇو منع آهي؟

فتاوٰي رضويہ جلد 21 صفحي 119 تي آهي: حضرت علامہ شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ”اَشِعَّةُ اللَّمعات شَرحُ المِشكوٰة“ ۾ فرمائن ٿا تہ

رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اتي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ ماڻهن جي جمع ٿيڻ ۽ ان شهر سان محبت جي ڪري ان جو نالو مدينو رکيو ۽ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي يثرب چوڻ کان منع فرمايو. ان ڪري جو اهو جهالت واري زماني جو نالو آهي يا ان ڪري جو اهو "ثرب" مان نڪتو آهي- جنهن جي معنيٰ تباهي ۽ فساد آهي ۽ "تثريب" جي معنيٰ دڙڪا ۽ ملامت ڪرڻ آهي، يا ان جي ڪري جو يثرب ڪنهن بت يا ڪنهن جابر ۽ سرڪش ماڻهوءَ جو نالو هو. امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي تاريخ ۾ هڪ حديث آندي آهي ته ڪو به هڪ ڀيرو يثرب چوي ته ان کي (ڪفاري) طور ڏهه ڀيرا مدينو چوڻ گهرجي- قرآن مجيد ۾ جيڪو يَآَهۡلَ يَثۡرِبَ! (يعني اي يثرب وارؤ) آيو آهي اهو دراصل منافقن جو قول آهي، ان ڪري جو اهي يثرب چئي ڪري مدينہ منوره جي توهين جو ارادو رکندا هئا. هڪ ٻئي روايت ۾ آهي ته يثرب چوڻ وارو الله تعاليٰ کان استغفار (يعني توبهه) ڪري ۽ معافي گهري ۽ ڪن فرمايو ته مدينة المنوره کي جيڪو يثرب چوي ته ان کي سزا ڏيڻ گهرجي- حيرت جي ڳالهه آهي ته ڪجهه وڏن ماڻهن جي زبان مان شعر ۾ لفظ "يَثرب" نڪتو آهي ۽ الله تعاليٰ کي خوب معلوم آهي، عظمت ۽ شان واري جو علم بلڪل پختو هر طرح سان مڪمل آهي-

زندگی کیا ہے! مدینے کے کسی کوچے میں موت
موت پاک وہند کے ظلمت کدے کی زندگی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مديني جي سختين تي صبر ڪرڻ واري جي لاءِ شفاعت جي بشارت

شهنشاهه مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: منهنجو ڪو امتي

مديني جي تڪليف ۽ سختين تي صبر ڪندو، تہ مان قيامت جي ڏينهن ان جو شفيع ٿيندس (يعني شفاعت ڪندس) (مسلم ص 716 حديث 1378)

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: (يعني) خصوصي شفاعت- حق اهو آهي تہ اهو واعدو سڄي امت جي لاءِ آهي تہ مديني ۾ مرڻ وارا حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن شفاعت جا مستحق آهن-

طیبہ میں مر کے ٹھنڈے چلے جاؤ آنکھیں بند
سیدھی سڑک یہ شہر شفاعت نگر کی ہے (حدائق بخشش شريف)

خيال رهي تہ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هجرت کان پهريان مڪہ معظمہ ۾ رهڻ بهتر هو ۽ هجرت کان پوءِ فتح مڪہ کان پهريان مڪہ معظمہ ۾ رهڻ کان مسلمان کي منع ڪيو ويو ۽ هجرت واجب ٿي وئي ۽ مڪي جي فتح کان پوءِ اتي رهڻ جائز ٿي ويو، پر مديني منوره ۾ رهڻ افضل قرار ڏنو ويو ڇو تہ هتي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قرب آهي، ان ڪري وڏيڪ فضيلتون مديني پاڪ ۾ رهڻ جون بيان ٿيون آهن. (مِرأة المناجيح ج 4 ص 210)

مدینہ اس لئے عطّار جان و دل سے ہے پیارا
کہ رہتے ہیں مرے آقا مرے دلبر مدینے میں (وسائلِ بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدينہ منوره بهتر آهي

نور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: مديني وارن تي هڪ وقت اهڙو ايندو جو ماڻهو خوشحالي جي ڳولا ۾ هتان کان چراگاهن ڏانهن نڪري ويندا ۽ پوءِ جڏهن هو خوشحالي حاصل ڪري وٺندا تہ واپس موٽي ايندا ۽ اهل

مدينہ کي ھن ڪشادگيءَ جي طرف وڃڻ لاءِ آماده ڪندا- حالانڪ جيڪڏھن اھي ڄاڻي وٺن "مدينو انھن جي لاءِ بھتر آھي"-
(مسند امام احمد بن حنبل ج 5 ص 106 حديث 14686)

ان کے در کی بھیک چھوڑیں سروری کے واسطے
ان کے در کی بھیک اچھی سروری اچھی نہیں (ذوق نعت)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## مديني منوره جي تنگدستيءَ تي صبر ڪرڻ واري جي لاءِ شفاعت جي بشارت

اميرالمؤمنين حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: مديني ۾ شين جا اگھ وڌي ويا ۽ حالتون خراب ٿي ويون تہ سروَر ڪائنات صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: صبر ڪريو ۽ خوش ٿيو جو مون توھان جي صاع ۽ مد کي بابرڪت ڪري ڇڏيو ۽ گڏجي ڪائيندا ڪريو، ڇو تہ ھڪ جو ڪاڌو ٻن کي ۽ ٻن جو ڪاڌو چئن کي ۽ چئن جو ڪاڌو پنجن ۽ ڇھن جي لاءِ ڪافي آھي ۽ بيشڪ جماعت ۾ برڪت آھي ۽ جنھن مديني جي تنگدستي ۽ سختي تي صبر ڪيو تہ مان قيامت جي ڏينھن ان جي شفاعت ڪندس. يا ان جي حق ۾ گواھي ڏيندس ۽ جيڪو ان جي حالتن کان منھن موڙي مديني مان نڪتو الله پاڪ ان کان بھتر ماڻھو ان ۾ رھائيندو ۽ جنھن مديني وارن سان برائي ڪرڻ جو ارادو ڪيو تہ الله پاڪ ان کي ائين ڳاري ڇڏيندو جيئن لوڻ پاڻيءَ ۾ ڳرندو آھي- (مجمع الزوائد ج 3 ص 657 حديث 5819)

شہِ کونَین نے جب صَدَقہ بانٹا
زمانے بھر کو دم میں کر دیا خوش

## مديني شريف جي تڪليفن تي صبر جي فضيلت

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 243 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بہشت کی کنجیاں“ صفحي 116 تي آهي تہ رسول اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شخص منهنجي زيارت جي ارادي سان آيو اهو قيامت جي ڏينهن منهنجي حفاظت ۾ رهندو ۽ جيڪو شخص مديني ۾ رهائش اختيار ڪندو ۽ مديني جي تڪليف تي صبر ڪندو تہ مان قيامت جي ڏينهن ان جي گواهي ڏيندس ۽ ان جي شفاعت ڪندس ۽ جيڪو شخص حرمَين (مڪي ۽ مديني) مان ڪنهن بہ هڪ ۾ مرندو تہ اللّٰه تعاليٰ ان کي ان حال ۾ قبر مان اٿاريندو جو هو قيامت جي خوف کان امن ۾ هوندو- (مشكوٰة المصابيح ج 1 ص 512 حديث 2755)

## مديني ۾ رهائش اختيار ڪرڻ ڪيئن آهي؟

ياد رهي! مدينة المنوره ۾ صرف ان کي رهڻ جي اجازت آهي جيڪو هتان جو احترام برقرار رکي سگهندو هجي، جيڪو احترام برقرار نہ ٿو رکي سگهي ان جي لاءِ هتي مستقل يا وڌيڪ عرصي جي لاءِ رهائش منع آهي- جيئن تہ فتاويٰ رضويہ جلد 10 صفحي 695 تي آهي تہ صاحبِ فتح القدير فرمائن ٿا: مان چوان ٿو تہ جيئن مديني طيبہ ۾ رحمت وڌيڪ، لطف گهڻو ۽ ڪرم سڀ کان وسيع ۽ معافي سيني کان جلدي ٿيندي آهي، جيئن تجربي مان ثابت آهي وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ- ان هوندي بہ اُڪتاهٽ جو خوف ۽ اتان جي احترام ۽ عزت ۾ ادب جي گهٽتائي جو ڊپ تہ موجود آهي ۽ اهو پڻ هميشہ جي لاءِ رهائش ۾ رڪاوٽ آهي- ها اهي ماڻهو جيڪي فرشتہ صفت هجن، انهن جو اتي رهڻ ۽ گهٽي عرصي تائين رهائش اختيار ڪري فوت ٿيڻ وڏي سعادت آهي-

## مديني ۾ استنجا ڪرڻ جي باري ۾ حڪايت

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتاويٰ رضويه جلد 10 صفحي 689 تي "المَدخَل" جي حوالي سان حڪايت نقل ڪن ٿا: السيد الجليل ابو عبدالله القاضي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي باري ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته انهن کي مديني شهر ۾ رفع حاجت جي ضرورت پيش آئي ته هو شهر ۾ هڪ مقام ڏانهن ويا ۽ حاجت جو ارادو ڪيو ته غيب مان آواز آيو جيڪو انهن کي ان عمل کان روڪي رهيو هو ته انهن چيو: سڀ حاجي ائين ئي ڪندا آهن ته جواب ۾ ٽي دفعا آواز آيو ته ڪٿان جا حاجي، ڪٿان جا حاجي، ڪٿان جا حاجي؟ پوءِ اهي شهر کان ٻاهر هليا ويا ۽ رفعِ حاجت ڪئي (يعني پيشاب وغيره) ڪري پوءِ واپس آيا-

## مديني جو اصل قيام آقا ﷺ جي حڪمن تي عمل ڪرڻ آهي

اڳتي هلي صاحبِ مدخل جي حوالي سان وڌيڪ لکن ٿا: حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُجاورت سندن حڪمن تي عمل ڪرڻ ۽ منع ڪيل ڳالهين کان بچڻ جي صورت ۾ آهي، پوءِ ڪٿي ماڻهو ڪٿي به رهيل هجي ۽ حقيقي مجاورت اها ئي آهي. (فتاوٰي رضويه ج 10 ص 689)

غمِ مصطفٰے جس کے سینے میں ہے

گو کہیں بھی رہے وہ مدینے میں ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## "مدينو شريف پيارو آهي" جي سترهن اکرن جي نسبت سان مديني شريف جون 17 خوبيون

(هونئن ته مديني پاڪ جون بيشمار خوبيون آهن، پر برڪت جي لاءِ هتي رڳو 17 بيان ڪجن ٿيون)

۞ سڄي زمين ۾ ڪو بہ اهڙو شهر ناهي جنهن جا نالا مبارڪ ايتري گهڻي تعداد ۾ هجن، جيترا مدينةُ المُنوّره جا نالا آهن. ڪجھ عالمن 100 تائين نالا لکيا آهن ۞ مدينة المنوره اهڙو شهر آهي جنهن جي محبت ۽ هجر و فرقت بابت دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ زبانن ۾ سڀ کان وڌيڪ تعداد ۾ قصيدا لکيا ويا آهن ۽ لکيا پيا وڃن ۞ الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان ڏانهن هجرت ڪئي ۽ هتي ئي قيام پذير رهيا ۞ الله تعالٰي ان جو نالو طابہ رکيو ۞ سرڪار عالي وقار، مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن سفر کان واپس تشريف کڻي ايندا هئا ۽ مديني پاڪ جي ويجهو پهچندا هئا تہ شوق ۽ محبت ۾ پنهنجي سواريءَ کي تيز ڪندا هئا ۞ مدينة المنوره ۾ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قلب مبارڪ کي سڪون ملندو هو ۞ هتان جي مٽي ۽ دز پنهنجي نوراني چهري تان هٽائيندا نہ هئا ۽ اصحابي سڳورن رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي بہ ان کان منع فرمائيندا هئا ۽ ارشاد فرمائيندا هئا: مديني جي خاڪ ۾ شفا آهي- (جذب القلوب ص 22) حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ جڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنگِ تبوڪ کان واپس تشريف فرما ٿيا تہ تبوڪ ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويل ڪي اصحابي سڳورا عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان اچي مليا ۽ انهن خاڪ هٿائي تہ هڪ شخص پنهنجو نڪ بند ڪيو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي نڪ تان ڪپڙو هٽايو ۽ ارشاد فرمايو: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي قدرت ۾ منهنجي جان آهي تہ مديني جي خاڪ ۾ هر بيماري جي لاءِ شفا آهي- (جامع الاصول للجزري ج 9 ص 297 حديث 6962) ۞ جڏهن ڪو بہ مسلمان زيارت جي نيّت سان مدينة المنوره ايندو آهي تہ فرشتا رحمت جي تحفن سان ان جو استقبال ڪندا آهن- (جذب القلوب ص 211) ۞ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مدينة المنوره ۾ مرڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي ۞ هتي مرڻ واري

جي سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن شفاعت ڪندا ❁ جيڪو وضو ڪري اچي ۽ مسجد نبوي شريف ۾ نماز ادا ڪري تہ ان کي حج جو ثواب ملندو آهي ❁ حُجره مبارڪ ۽ منبر منور جي وچ واري جاءِ جنّت جي باغن منجهان هڪ باغ (جنت جو باغيچو) آهي ❁ مسجد نبوي شريف ۾ هڪ نماز پڙهڻ پنجاه هزار نمازن جي برابر آهي- (ابن ماجه ج 2 ص 176 حديث 1413) ❁ مدينة المنوره جي سر زمين تي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزارِ پُر انوار آهي جتي صبح ۽ شام ستر ستر هزار ملائڪ حاضر ٿيندا آهن ❁ هتان جي زمين جو اهو مبارڪ حصو جنهن تي رسول انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نوراني جسم مبارڪ تشريف فرما آهي، اهو هر هنڌ، هر جڳهہ ايتري تائين جو ڪعبي، بيتُ المعمور، عرش، ڪرسي ۽ جنت کان بہ افضل آهي ❁ مدينة المنوره ۾ دجّال داخل نہ ٿي سگهندو ❁ مديني وارن سان برائي جو ارادو ڪرڻ وارو عذاب ۾ گرفتار ٿيندو ❁ هتي جو قبرستان جنّتُ البَقِيع دنيا جي سيني قبرستانن کان افضل آهي ۽ هتي تقريبًا 10 هزار اصحابي سڳورا، اهلبيت اطهار عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان، بيشمار تابعين ڪرام ۽ اولياء عظام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام ۽ ٻيا خوش نصيب مسلمان دفن ٿيل آهن-

رہیں ان کے جلوے بسیں ان کے جلوے

مرا دل بنے یادگار مدینہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسجد نبوي شريف جي زمين حاصل ڪرڻ

مسجد نبوي شريف جي ايراضي (يعني زمين) ٻن يتيم ٻارن سَهل ۽ سُهيل (رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا) جي ملڪيت هئي ۽ هتي مشرڪن جون قبرون هيون، زمين سڌي نہ هئي ۽ اهي ٻئي ٻار حضرت اسعد بن زُراره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي

ڪفالت هيٺ هئا، ان زمين تي کجورون سڪايون وينديون هيون- رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻارن کي فرمايو: اهو زمين جو ٽڪر (يعني پلاٽ) اسان کي وڪڻو ته جيئن هتي مسجد تعمير ڪري سگهجي- ٻارن وڏي ادب ۽ احترام سان عرض ڪيو: آقا! اها ايراضي اسان جي طرفان نذراني طور قبول فرمايو ته سرڪار نامدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن انهن جي پيشڪش کي قبوليت جي شرف سان نه نوازيو ۽ آخرڪار قيمت ادا ڪري اها زمين خريد ڪئي وئي- عاشق اڪبر حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جن 10 هزار دينار ادا ڪيا- (مدينۃُ الرسول ص 130) ٻي روايت ۾ آهي ته اها جڳهه بنو نجار جي هئي، سرڪار مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ان جڳهه جي قيمت ڏيڻ چاهي ته انهن عرض ڪيو: اسان ان جي قيمت (يعني اجر) اللّٰه پاڪ کان وٺنداسين- (وفاء الوفاء ج 1 ص 323) ان زمين جي ايراضي اٽڪل 100 مربع گز هئي-

## بارگاهِ رسالت ۾ حضرت جبرائيل جي حاضري

حضرت حسن بصري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کان روايت آهي ته جڏهن حضور انور، مديني جي تاجوَر صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مسجد نبوي شريف جي تعمير جو ارادو فرمايو ته حضرت جبرائيل امين عَلَیۡہِ السَّلَام حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيو: يا رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جي اوچائي ست هٿ (يعني اٽڪل ساڍا ٽي گز) رکو ۽ ان جي تزئين (يعني زيب و زينت) ۾ ڪا گهٽتائي نه ڪجو- (وفاء الوفاء ج 1 ص 336) ان وقت تعمير جو اهو نمونو هو ۽ مسجد ۾ طاق وانگر محراب، قبو ۽ مينار وغيره نه هوندو هو- حالات جي تبديليءَ جي ڪري اڄڪلهه عاليشان مسجدن ناهڻ جي اجازت آهي- فتاويٰ رضويه شريف جلد 8 صفحي 106 تي دُرِّ مُختار جي حوالي سان ڏنل مسئلي جو هڪ حصو آهي ته (محراب کان سواءِ، مسجد جي ٻين حصن،

تي نقش وغيره ڪرڻ ۾ ڪو بہ حرج ناهي) ڇو تہ محراب جو نقش ۽ نگار نمازيءَ کي غافل تو ڪري ڇڏي، پر تمام وڌيڪ نقش ۽ نگار ڪرڻ ۽ خاص طور تي قبلي جي ديوار تي مڪروه آهي-

## مسجد نبوي شريف جي تعمير

ان زمين جي حصي تان کجورن جا وڻ ڪترايا ويا، ۽ مشرڪن جون قبرون ڈانيون ويون، (ربيعُ الاول سن 1 هجري بمطابق آڪٽوبر 622ع ۾ مسجد نبوي شريف جي پيڙهہ جو پٿر رکيو ويو) اصحابي سڳورن رَضِیَ اللہُ عَنۡھُم سان گڏ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سرون کڻي ايندا هئا ۽ پنهنجي زبان مبارڪ سان اهو بہ فرمائيندا هئا: اَللّٰھُمَّ اِنَّ الۡاَجۡرَ اَجۡرُ الۡاٰخِرَۃ فَارۡحَمِ الۡاَنۡصَارَ وَالۡمُھَاجِرَۃ اي ربّ قُدُّوس! آخرت جو بدلو ئي سنو آهي ۽ تون انصارن ۽ مهاجرن تي رحم فرماءِ. (وفاء الوفاء ج 1 ص 326،328)

## مسجد نبوي جي تعمير ۾ آقا ﷺ حصو ورتو

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا تہ رحمت عالم صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سرون کڻي پئي آيا هي ڏسي مون عرض ڪيو: يا رسول الله! اهي سرون مون کي ڏيو مان کڻي تو هلان، ارشاد فرمايائون: ٻيون جام سرون پيون آهن اهي کڻي اچو ۽ هي مان کنيو تو وڃان- (مسند امام احمد ج 3 ص 323 حديث 8960) مسجد نبوي شريف جي ڪچين سرن سان تعمير ڪئي وئي هئي ۽ ان جي ڇت کجور جي ٽارين مان ٺاهي وئي ۽ ان جا ٿنڀ کجور جا ٿڙ هئا. (وفاء الوفاء ج 1 ص 327)

تری سَادگی پہ لاکھوں تری عاجزی پہ لاکھوں
ہوں سلامِ عاجزانہ مدنی مدینے والے (وسائل بخشش ص 285)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب ❀❀❀ صَلَّی اللہُ علٰی مُحَمَّد

# مسجد نبوي شريف ۾ نماز جون فضيلتون

ٽي فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) جنهن مسجد نبوي شريف ۾ لاڳيتو چاليھ نمازون ادا ڪيون تہ ان جي لاءِ جهنّم ۽ نفاق کان ڇوٽڪارو لکيو ويندو آهي- (مسند امام احمد ج 4 ص 311 حديث 12584) (2) جيڪو پاڪ ۽ صاف ٿي صرف منهنجي مسجد ۾ نماز جي ادائيگي جي ارادي سان نڪتو، ايتري تائين جو ان ۾ نماز ادا ڪئي تہ ان جو ثواب حجّ جي برابر آهي- (شعب الايمان ج 3 ص 499 حديث 4191) (3) منهنجي هن مسجد جي هڪ نماز پنجاھ هزار نمازن جي برابر آهي. (ابن ماجه ج 2 ص 176 حديث 1413)

صد غیرت فردوس مدینے کی زمیں ہے

باعث ہے یہی اس کا کہ تو اس میں مکیں ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

الحمد لله رب العٰلمين والصلوٰة والسلام علٰى سيد المرسلين اما بعد فاعوذ بالله من الشيطٰن الرجيم بسم الله الرحمٰن الرحيم

## هفتيوار رسالي جو مطالعو

الحمدلله! امير اهل سنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ۽ خليفہ امير اهل سنت الحاج ابو اسيد عبيد رضا مدني مدظلہ العالي طرفان هر هفتي هڪ رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي. ماشاء الله الڪريم! لکين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هي رسالو پڙهي يا ٻڌي امير اهل سنت جي دعائن مان حصو وٺندا آهن. هي رسالو آڊيو ۾ دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.Dawateislami.net يا Read and listen Islamic book موبائل ايپلي ڪيشن تان مفت (فري) ۾ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو. ثواب جي نيت سان پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجي مرحومن جي ايصالِ ثواب لاءِ ورهايو(تقسيم ڪيو).

(شعبہ هفتيوار رسالو)


فيضان مدينہ، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net